آڪٽوبر،
نومبر ۽
ڊسمبر
1978ع






Gul Hayat Institute



اوسر (وکاس Evolution) چترکار: بنگي

Gul Hayat Institute



28- آڪٽوبر 1961ع تي سنڌي ادبي بورڊ جي هڪ ميٽنگ: ٿڌهوڪي ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن ۽ بورڊ جي چيئرمين مرحوم نيازاحمد ان جي صدارت ڪئي. فوٽو ۾ سامهون: ٿڌهوڪو سيڪريٽري سيد شاهہ محمد شاهہ ۽ ميمبر سيد ميران محمد شاهہ، مخدوم محمد زمان طالب المولى، عبدالغفور پرڳڙي...

# مهراڻ

ٽماهي

سنڌي ادبي بورڊ جو علمي ۽ ادبي دستاويز.


جلد 27 ] [ نمبر 4

آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر

1978ع


•

ايڊيٽر: امداد حسيني

مئنيجنگ ايڊيٽر: ظفر حسن

اسسٽنٽ ايڊيٽر: پرڀو "ناشاد"

Gul Hayat Institute


## سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.

پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.

---

قيمت في پرچو 00-6 رپيا　　ساليانو چندو 00-20 رپيا

# مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"

## غزل

دل ۾ ڏڪي اچي دلدار جي در کي ويجهو،
جو مستان هو نہ ڏسي ديدهِ تر کي ويجهو.

تلخيِ دهر جي ڪثرت ڪان هي حالات ٿيا،
مان پڇي ڪونہ سگهيس شهه شڪر کي ويجهو.

تن ۾ جالي جو نہ حاصل ٿي سگهيو صبحِ وصال،
جيئن وڃي ڪونہ سگهي شام سحر کي ويجهو.

هو پري آهہ هميشه ڪان پري ۾ رهندو،
جيئن اچي ڪين سگهي شمس قمر کي ويجهو.

گوهرِ عشق تي هر وقت نهايت مون ڪئي،
ڪو نہ هرگز مان ويس سيم ۽ زر کي ويجهو.

شاعري ذهن جي احساس جو لالو آهي،
مون وچي آهہ ڏنو حسنِ بشر کي ويجهو.

ڇو پلا 'طالب المولي' رهي غمگين هردم،
آهي مولا تہ سندس دست نگر کي ويجهو.

Gul Hayat Institute

ڏاسون زماني ۾ دانا ديوانا،
ڪي دانا ديوانا، ڪي ديوانا دانا.

گهرون ٿا تہ آباد ڪريون ويرانا،
طبيعت محبت ڪئي وحشيانا.

اڄ ٿا سوين ياد پنهنجا فسانا،
هو پنهنجا فسانا، هو گذريل زمانا.

اوهان سرد مهري ۾ آرامي آهيو،
اسان جا اهي جذبا تازا توانا.

اڃا تائين احساس دردن ڪي آهن،
هنيا جي لڳاهن جا تو تازيانا.

حقيقت ۾ آهون ۽ دانهون ئي آهن،
جهان وارا سمجهن ٿا نغما ترانا.

ڪئي سون لہ شاهن جي ڪا دست بوسي،
وسن شال ساقين سندا آشيانا.

سڄي عمر اڄ تائين اينهين ئي گذري،
اسان جون اميدون، اوهان جا بهانا.

اڃا پهريون سجدو ئي پورو لٿو ٿئي،
ٿجن ٿا ڪئي باقي فرضي دوگانا.

هي مخدومي پيري جو آهي ڪو پردو،
طبيعت فقيرانا يا عاشقانا.

اي مولا، سندء 'طالبِ مولا' تہ ٿئي،
ڏجئين ڪيس دارين جا پئي خزانا.



Gul Hayat Institute

# سليم ڳاڙهوي

## ناچ

زندگي رهگذارن ۾ تڙپي رهي
آه اُڀري رهي
ساز وڄندا رهيا، راڳ جاري رهيو، جام ڦرندا رهيا.
چير چمڪي رهي
ناچ ٿيندو رهيو
پاهه پڙڪي رهي، شمع روئندي رهي
محفلن ۾ ڪي راڪاس کيلندا رهيا
ڪي پتنگن جا البوهه جلندا رهيا
ڪن جا عشرت ڪدا رت سان روشن رهيا، ڪن جي خس خاني جي
خاڪ ڇڻندي رهي.
ناچ ٿيندو رهيو
چير چمڪي رهي
اهرمن جا وڏا ڏند تڙندا رهيا، وحشتن جا ڪڪڙا ميڙ مڙندا رهيا.
ڏُنگ ڏنگن مٿان جام جاري رهيا، مئه به ڇلندي رهي، ڪرڪ ڪڙندا رهيا.
ڪنڊ لڏندا رهيا، شور وڌندو ويو، جوش جاڳي پيو.
هوش ويندو رهيو
روح ريهون ڪيون
ڪنهن جون آهون اٿيون، ڪنهن جون دانهون اٿيون، ڏاهه جي روح ۾
سپ عدم ٿي ويون.
ڪيئي اکڙيون پنيون، ڪيئي ڳوڙها ڳڙيا،
ڪنهن جي دامن مٿان لال ليڪا لڙيا
ڪيئي سُڏڪا سڙيا
ڪيئي اڌما پڌا، ڪيئي آسون ٽٽيون،
ڪي جواڻيون لٽيون، ڪي ڪهاڻيون ڪٽيون،
وار ڪولي شرافت رُني زار زار
بي سڪون، بيقرار،
زخم ٽمندا رهيا، داغ ٻرندا رهيا.
خوب تاڙيون وڳيون
چير چمڪي رهي
ناچ جاري رهيو!

Gul Hayat Institute

# استاد بخاري

● ڪير ٿو ڪنهن کي سڃاڻي ههڙي هاڃيڪار هاڙهي رات ۾
رات جا
چار ئي طرف ڪارا ٿي آ
چار ئي پهر ڇاري ٿي آ
ڪُهني ٿي آ
ڏُڀتي ٿي آ
ڪَپتي ٿي آ
ڪير ٿو ڪنهن کي سڃاڻي، ههڙي رهزن رات ۾.
سڄ،
پيهي ويو پهاڙن جي پٺيان ـ ڪو وقت ٿيو
چنڊ
الائي ڪهڙي ڇُر ۾ ـ ڏور ـ ڇڪنا چور آ
تارا ويچارا
جي آهن پٽڪڙا، سي چمڪنا ۽ چاڪنا
سي
سڀني ڪوراڙ ڪارولياڙ جهڙ آهن وڏا اوڙاهه ۾
هٿ لٿو هٿ سان ملي
اک لٿي اک کي ڏسي
هڪ ته گهٽگهٽ اولڌاهه
پيو گجگاهه پيلا ـ پات . . . پات!
وات هولڊي لاهي وات!
ڪيئن ڪجي؟
وڏو ٿو ٿي آ اڳتي ضرور
ملڻو ته آ محبوب سهڻي ساٿ سان
ڪيئن ڪجي
هڻ
ڪيئن ڪجي؟

او ڪري پٺو وڃ، اڄ پيرن مٿان پيلا ٻرن،
روشنايون روشنايون ٿي وڃن
واهـ رو ـــ واهون ـــ ملن!



Gul Hayat Institute

# غزل

## راهي چنا

ذات سندو مان ڌوهي سائين، منهنجا گيت سدائين گهايل.
وک وک تي ڏو واڪا ڪريان، ڪيسين رهندا ديپ اجهايل!
ٻار ٻرڻ ڪان هير ڪُهلي ڪا، صدين ڪان آ ساهه سڪايل.
آءُ مهندرا حال ته اوريون، ميڙيو ڪاڪ ڪنول ڪومايل.
پيار ڪري پڇتايون ڇا لئي، روح جي آهي راند رچايل.
ڪنوڻ ڪنوي ٿي برسيو بادل، چنن چنن چمڪي ٿي پايل.
روز ازل ڪان پياسا آهيون، اوت ايا هين نين آڇايل.
من جو پنڇي قيد نه ٿيندو، ڪُوڪي پئي ڪاري ڪويل.

## پيار علي پريمي

•

جنجهون ۾ جڪڙيل آهيون، پاڙن ڪان ئي اکڙيل آهيون.
ٻرن تي ويساهه اسان جو، وهمن منجهه وڪوڙيل آهيون.
ڪُٺل مٽ جي اگرين جان، هڪٻئي ڪان سڀ وڇڙيل آهيون.
ڏيهه اندر پرڏيهي آهيون، گهر تنڙ هولدي ڏتڙيل آهيون.
شل هي جاڳي جنگ 'پريمي'، لنبن منجهه ليوڙيل آهيون.

## اشرف آصف

•

رُت ميندي، رَتي سَڌَ سوريءَ ڪيا،
سُرڪندي سَرڪندي مرد تنهن ڏي ويا.
اوچتو ٿي وني مات ئي مات آ،
سَچ آهي ڪهڙي، ڪاٻه ڪالهي صدا!
هن ڪلا ڪان سوا هي ڪوي آ ائين،
جسم ڪان روح جا ڇڻ ٽُٽا سلسلا.
اڻين پنن تي هٺا ماڪ جا هي ڦڙا،
رات جا ڪي لڙي لُڙڪ آهن پيا.
جي هجي وس اهو مان ڪڪر تي پوان،
هيءَ ڌرتي ڇڏي، پيو گهمان تي گهٽا!

## اڪبر سومرو

### تصوير

ڪينواس تي تنهنجي تصوير
سڄڻ!
وار ڪڪر ڪھاڻا
ڪن ڪارولپار
سڄڻ
چپ ڳاڙها گل
متان ڇهين تون به
پنجي ويندن جهير
سڀڪو ڪارو لڪ ۾
تون هئين ۽ مان هئس
لڳي سنڌو ۽ هير
ڪينواس تي تنهنجي تصوير.

●

## شاد عباسي پورزائي

### ڏيڙو

نماهي "مهراڻ"
ادب جي باغ جي
سڳنڌ ۽ سرهاڻ.

ٽيماهي "مهراڻ"
عشق وارن جي
الفت جو اهڃاڻ.

## درگاهي ديوانو

### ساگر

ساگر
مها ساگر
ليرو ليرو اونهو اٿاهه
ان جي لهرن ۾ آ پيئو
پربت بي پرواهه
ساگر
اهڙو اولهو
جهڙي منهنجي سوچ
لهريون لڙن ليون
گڏجي وڙهن ٽيون پربت سان
هر پربت ساڳو اوچي ڳاٽ
پربت جي هڪ پٿر لي
آئون وياڪل وينو آهيان
سوچيان وينو
ڇولين ۾ بي شڪتي آهي
پربت ۾ بي ٻل
آئون آتر السان لو سڏجان
سون ۾ کهڙو ٻلُ!

## ظفرالدين عباسي

### ٽيڙو

پڙهي "مهراڻ"
جڻ
ملهم ڇهراڻ.

●

رات پيهندي جند
ڪومل هٿڙن والسڪيان
ليڦون ليڦون ٿيو چند.

Gul Hayat Institute

## ج.ع. منگهاڻي

### وايون

اوکو اوکو، جيون اوکو

هلچل ڌاران ماڻهو ڪوڪو،
جيون اوکو.

ڏيو ٻه ڏوکو، وتو ٻه ڏوکو،
جيون اوکو.

ماڪين جان سندو آ جوکو،
جيون اوکو.

●

هيرَ ڪُهلي ڙي، هيرَ ڪُهلي ڙي.

ڦٽ ڦُرانا پيا آڪيلي ڙي،
هيرَ ڪُهلي ڙي.

روهن ۾ وئي سوچ رُلي ڙي،
هيرَ ڪُهلي ڙي.

ليڻ نماڻا پيا آتلي ڙي،
هيرَ ڪُهلي ڙي

### ٽيڙو

ليڪ جو ليڪ،
اهڙو جهڙو —
سچ جو تيڪ.

●

وتو ساوڻ سينهن
گاهه ڦُٽو ۽ ساهه ۾
سائو ٿيو نينهن.

## ولي رام ولڀ

●

### ڪجهه ڪوتائون

شهرت ڪاڻ
ٽڙ هٽي
ڳاريون ڏيو
ٺُڪون آڇلي
ڳاٽ اوچو ڪيو
۽ هو بي ٺانءُ ماڻهو
ڪنڌ لوائي
ماٽ ۾ هليو ويو
مون ڏٺو:
ماڻهن سندس ڇَرڻ ڇهيا؟

●

شهر ۾
ڪيس ڪير ٿا
ٺٺو سچائي
هوندو هو ڪڏهن
چؤٻول هن جو
سندس ٻاڻ سچاڻ جو!

●

تارون منهنجو ريتي ريتي
زبان خشڪ ۽ سُڪل
آج جي ٻاهه
ڪيتَ هرڪا ٽاندا ٽاندا
تنهنجي چپن ۾ ماڪيءَ جو درياهه
آجهل — اٿاهه!

●

ڪيرو ڳائي
ڪنهن کي ٿو ٻڌائي!
ڪوئي آهي؟ ڪوئي آهي؟

## زينت بروهي

### ڏهڪاءُ

سُندر لار جي ڇپر جو ڇمڪو
چنل ڇپر جو پاڪ
ڪارو لالڪ لپياڳو ڏائڻ
ڏلڪي لهه هٿن جو ماڪ!

خواب اڏورو سور سمورو
ماروئڙن ليءِ مٿور
سُندر لار جي ڇپر جو ڇمڪو
مالڪيڻڙن ليءِ سٿورا!

چنل ڇپر ۾ ليئڙا پائي
چوڏهينءَ رات جو چنڊ
(جڻ) سورج ڪارڻ تونڻ چاهي
اونداهين جو منڊ!

(پر) ڪارو لالڳ نياڳو ڏائڻ
ڳولي ٻيو سو ٻير
جنهن آ هٿن جي لنڊ ڦٽائي
جنهن پاتي آ ڇير!

## شهناز ميمڻ

سپنا
ڏوپچي ويا سپ
لڙڪن جي ڌارا ۾
جيئن
پاڻيءَ جي لهر ۾
لڙهي وڃي
هڪ واريءَ جو گهر!

### شاذي

ماهه سُنجهي ٿو
هاڻ ٻُڌي ٿو ـ انهيءَ سوچ سان
ته جنهن پل اُنءُ مران
مرڻ ڪان پوءِ
توهين ڇڏي مون کي
هيڪلي تنها قبر منجهه
هليا ويندؤ
۽ آنءُ
آن پل جو سوچي
ٿڌي ٿيان ٿي
۽ ٿڪجي پوي ٿي
سوچ جي تاثيل تند ذهن مان
۽ مري ٺري وڃان ٿي آن پل آنءُ
ٻُڌي وڃي ٿو منهنجو هانءُ!

Gul Hayat Institute

## مختار ملڪ

### غزل

•

جنهن جي دل ۾ ڏک جو ديرو، اُن لِءِ ساڳيو سانجهه سويرو.
چاهت جي چاندوڪي جنهن ۾، ڇنبو مَنُ آهو ڪئن ميرو!
ڪلهه جنهن سِر تي هنج لٿا ها، اَڄ اُتِ ڪانوَن جو آکيرو.
ڀيرَ ڀرڻ جي ماڳ وڏن تان، آءٌ ڏِکو يا چنڊ تڪيرو.
ڳنڍي ڀاڻي ۾ ڳُل ڇاوا، هونئن تہ ڏپ جو گهرگهيرو.

### گيت

•

آءٌ ويٺو واجهايان؛ ڀر-واءُ نہ خوشبو آڻي - سائين، ڪنهن لِءِ جيئبو هاڻي!
ٻُلجي سوچيم: توکي ويندس مان سپنن ۾ ماڻي - سائين، ڪنهن لِءِ جيئبو هاڻي!
روز جيان ٿي، اَڄُ بہ ناهي، ڪوئي سنجهان تاڻي - سائين، ڪنهن لِءِ جيئبو هاڻي!
سوڀيا ۽ سُرهاڻ ڪٿي آ؟ واءُ ڇڏيا ڳُل ڇاڻي - سائين، ڪنهن لِءِ جيئبو هاڻي!

## رسول بخش قريشي

### ڪجهہ نظم

•

جن جا گناهہ بہ ٻارانا
ثواب بہ ٻارانا
تن ساڻ ڀلا او راڻا
ڪهڙا ٻاراڻا

جيئن آياڻو
سدا آياڻو
ڏينهن هجي يا رات
تاڙي سائي تات!

•

ٻچان ڀيو تہ
ڪٿي هن دؤر جي
ڏاهن تي
سوچيندي سوچيندي
چريو ٿي نہ پوان!

تيئن سياڻو
سدا سياڻو
چَپ چوري يا چُپ رهي
قلم ڪٽي يا ڪات
موت مڪي ۾ مڃي نہ مات!

Gul Hayat Institute

## راشد مورائي

### وائي ۽ نظم

•

ڪيت ڪلهوڪا ڳاتل تنهنجا، هينئڙي منجهه هُرن،
آلا ڙي، شل هي چپ چُرن!
پَن پَن مان ڀڙلاءُ اچي ٿو، ٻيهر ٻول ٻُرن،
آلا ڙي، شل هي چپ چُرن!
ڳهر ڳڱاٽيا ڳوٺ ڏسان ٿو، منهنجا ڦَٽَ جهُرن،
آلا ڙي، شل هي چپ چُرن!
سنڌڙيءَ جي سيني تي سائين، ٻيا ٿيا سپَ سُرن،
آلا ڙي، شل هي چپ چُرن!
والڪي شال وساري ويٺا، ڪڏهن حقَ ڪهُرن،
آلا ڙي، شل هي چپ چُرن!

•

چهو'لجهڪڙي ۾
واءَ جو جهوٽو
تنهنجي ڪهر جي سِرلهن منجهاران
خوشبو ٺيڙي
الين ٿو پاسي
پيتاليءَ جي ايتن جو آهي جڻ تعبير
عالم سب آباد ٿيو آ
سنڌ سڄيءَ ۾ آهه سُڪارا!

## تاج جويو

•

### وائي

ٻاڪَ سهل، وڻ وهنتلُ، اُپربون سُوٽون سوچ جون،
اکيون اوجاڳي ڀڪيون، ڳتل ُپينـل َ.
تالا ڀالا ڪوڙڪيون، ساهه آڇتل َ.
آهون دانهون بند ۾، ٻوه ٻه آٿل َ.
ٻوتيءَ ٻوتيءَ ڀالڌ ۾، آس سٽل َ.



Gul Hayat Institute

## سروپ چندر "شاد"

### گيت

تنھنجو روپ سنواريان، يار،
هلي آ جالي جلويدار،
هلي آ محبتَ ميٺا منٺار.

اچ، اکڙين ۾ سرمي بدران، آس جا ڏيئا ٻاريان،
اچ، چپڙن تي لاليءَ بدران، ڳاڙها گيت سنواريان،
ڇيڙيان دل جا تار، هلي آ.

هٿن هٿن ۾ ميندي‌ءَ بدران، سولهين همت جي ڏوري،
پيرن ۾ پازيب جي بدرن، اڳتي هلڻ جي جهوري،
منزل آ هٿ پار، هلي آ.

هارن بدران سولهن سيني تي کهاون جا ڦا ڪٽل،
کهاءَ اسان کي ساڃهه ڏيندا، جنهن جو مُل نہ تُل،
هينئڙي ۾ هُٻڪار، هلي آ.

اچ تہ تنهنجي دل ۾ پرڀان ڌرتيءَ جا ڏک سُور،
تنهنجي سوچَ ۾ لوچ پريان ۽ لوچ ۾ لئون شعور،
گيتن ۾، گُولجار، هلي آ.

تنهنجي ٻوليءَ ۾ ڀريان ڪي انقلابي رنگ،
تنهنجي ٻول ٻول ۾ ڀري ڇڏيان، اچ، چٺنگ،
لفظن ۾، للڪار، هلي آ.

اچ تہ توکي پيش ڪريان آئون، فڪر جا ڳاڙها گُل،
تنهنجي چوليءَ منجهہ سجايان، چٺنگ جو چوٽي ڦُل!
وہ واہ هي سينگار، هلي آ.

## وايون

سون سريکي سَرتي، ڇوٿي ڳوڙها ڳاڙين؟
سورُ ڏئي، ناسور ڏئي، تنُهنجي دل ڪنهن ورتي؟
آپ پَري ٿو ڇو آهون، ڇو ڏ ڏي ٿي ڌرتي؟
سُر سُر سَڏڪي سُرندي ۾، آگر آگر آرتي.
پيار رتن سا ماڻيندي، جا پيڙا سان پرتي.

●

ڇوري ڇو ڪيلين ٿي؟ آڌيءَ ويلي تون!
ساوڻ رُت ۾ ڍيل واري، چاليءَ تورَ تيلين ٿي؟
چالبوڪيءَ ۾ لير هيٺان، ڪنهن سان ليڪي ملين ٿي؟
کهر کهر هوندي تنهنجي ڳالهه، وينگس ڇو وڦلين ٿي.

●

تون آهين ورداتا(1)، ليک(2) آئي تون پنهنجو ليک!
سُستي موت آ، چُستي جيون، آڻ، وقاءَ ورڪ.
وهم واکهه سان، سمنڊ اجهاڳ سان، سينو ساهڻ سيک.
ماڻهوءَ لئه محنت ائين آهي، مُنڊيءَ ۾ جڙيل ليک(3)
جيون آ پورالو سنڌو، تار وهي ٿو تيک.

## راج - راڻو

لنيڙو ڏيئو،
ساري ساري رات سڙي ٿو،
تيز هوائن سان لڙي ٿو،
ڪينَ مُڙي ٿو.
اولهه جو هي ازلي ويري،
اونداهيءَ سان سينو ساهي،
پنهنجي ڄان جلائي ٿو
جڳ ۾ جوت ڦهلائي ٿو.

جيڪو ماڻهو،
ڏيئي وانگي،
پاڻ جلي ٿو جوت وڌائي،
ماڻهوئڙن جا ڏک ڪٽائي،
هر الياءَ سان سينو ساهي:
اهو راج جو راڻو آهي،
سچ پچ موتيءَ داڻو آهي،

(1) ورداتا: تقدير لکندڙ، (2) ليک: تقدير، (3) ليک: تيڪ



Gul Hayat Institute

# انور پيرزادو

## سَچُ

سَچُ چئو آ سچ جيان
تون ڏوتا اکيون بند ڪري به
ڏسي سگهين ٿو۔
پر جي تنهنجين اکين مٿان
انڌائپ جا هي ڇوڙ لهن
پر جي پنهنجيءَ اندرينءَ اک کي
کولي، ڦاڙي،
تاريخن جي ترورن جا تاءَ ڏسين،
پر جي،
تنهنجي اکين اندر
ساڄهه جو ڪو سُرمو پائي،
پر جي
تنهنجي ڏوڏن ۾
ڪو ڏوُر سَرائي ڦيرائي۔
پر جي،
ڏوتائپ جون تيرهن تاليون
هي سڀ دور ڪرين تہ،
مان سمجهان ٿو،
اکين پٽڻ کان عذر ڪري به،
انڌا ٻوڙا گونگا ڏوتا،
ماڻهو ٻوءِ به سچائي سگهين ٿو۔
پل تہ ڪنن ۾ ڪپهہ هجئي،
پل تہ چنگهون ۽ پالهون تنهنجيون
لالهن جي لوڙهيءَ منجهہ وڪوڙيل
ويڙهيل سيڙهيل پڌل هجن۔
پل تہ ڳچيءَ ۾ ڪَنهيءَ جو ڪو گهوڪهو
پاتل چو نہ هجئي،
۽ آرهہ تي ڳوري لالچ جي کا لَت
هجئي،
سچُ تہ ٻوءِ به سُرهو آهي،
ڪيسين ساهہ مُنجهائي سگهندين۔
جيسين ساهہ کڻين ٿو ڏوتا،
سچ جي هن سُرهاڻ کي لاسون
بند ڪري بہ،
سُنگهين سگهين ٿو!

## نظم

رات جون رهڙون،
دک جا دڙڪا
تيرون تارن جون
هي سَهمَون،
چانڊوڪيءَ جون چِٽرون،
پوتيءَ جي هڪ پَلوَ ۾
ويڙهي سيڙهي
ڏوهہ ثواب کي
ڏوراپا ڏئي،
جيءَ جلي کا
اکني آ!

Gul Hayat Institute

# تنوير عباسي

●

ماضيءَ تي ٽـا ڀـاڻ ٻڌايو، حال ۾ ڪهڙا آهيو؟
ڀوڻتي ڏسبو اڳـتـي وڌ ٻـو، ڪيئن ڀـلا سمجهايو؟
آڪ ڀـڪيءَ جان واريءَ ۾ ٽٻا، پنهنجو منهن لڪايو!
پيالو موڻ تہ پريو آهي پر، ارمان ٻہ هڪ وڌايو!
ماضيءَ تي ٽـا پاڻ ٻڌايو!

●

سـدائـيـن انـيـن ڪـون ڪهرائبو آ
ڪنليءَ دل سان ڪڏهين تہ ڳالهائبو آ

ٻـيـن جـي اکيان جيئن شرمائجن تـي
اسان جـي اکـيـان ائين نـہ شرمائبو آ

نہ شوخن سان دل کي ڪو اٽڪائبو آ
جـي اٽڪائـبـو آ تـہ ڀڄتائـبـو آ ـ

سڄي عـمـر اڙهبو ٻـيـو آ سبق هـڪ
پـنـو عشق جـو ڪين اٿلائـبـو آ

زبان مان ڇڏهن ڪو اکر ڪڍنَ آڪلي
الـهـيءَ وقت اکين سـان ڳـالهائبو آ

اوهـان سان رڳـو دل کي ولدرائبو آ
نـہ ڪتبـو ئـي آهـي نـہ هـارائبو آ

ڪڏهن دشمنن ۾ بـہ ڏپ لاهي ٿهندو
ڪـڏهـن دوسـتـن ۾ بـہ گهٻرائبو آ

تـڏهـن شعر تـنـويـر لکبو آ پاڻهي
جڏهن گهاءُ دل تي ڪوئي کائبو آ!



Gul Hayat Institute

# اڌپورو نظم

مان هتان جو نا هيان.
هيءَ متي اوپري،
هيءَ ماڻهو اجنبي،
هي ڪڙيون جي منهنجي پيرن ۾ ڏسو ٿا
سي هنن ماڻهن جي ذهنن جا وڪڙ آهن،
تير جيڪي منهنجي سيني ۾ کُتل،
سي انهن جون تيز نظرون
رت، جيڪو منهنجي زخمن مان وهي ٿو
سو انهن جو ڦُوت آ،
مان هتان جو نا هيان
مان هتان جو نا هيان
مان ڪٿان جو آهيان؟
مان اتان جو آهيان،
جت سُرڪ جي ديويءَ جو راڄ
جت ٺهڪڙن جا پار ٿا رانه يون رمن
جت عشق جي پيڙي سدائين
حسن جي لهرن ۾ پينگهي چان لُڏي
جت خوشي چنگائي تيلبن جان ڏکن جي رڻ ۾ ڦي
جهرمر ڪري.
هي شهر آهي ڪو ديون جو شهر
جنهن ۾ پارن جون رڙيون،
جنهن ۾ چيرڪن چوڪريون
پاٽ اولڌ هه ۾ جتي ٽيون تيل لئمپ چان
پوت جون اکيون پسرن.



Gul Hayat Institute

## آذار آرائين

•

جبلن تي شام- سڌ ڀڙاڏن ۽ ٻاڇن ڪي جنم ڏي ٿي
هرڻين جي ڪُرن جا آواز
۽ ٻڪين جا ڪنپ هڪ هڪ تي ڪوهيڙي ۾ ڪرن ٿا
منهنجو سفر ڪجهه ڪوهه باقي آهي
پر منهنجي گهوڙي جا سُنب
وقت ۽ محبت زنده حقيقتون آهن
انهيءَ وهم ۽ گمان جي وچ ۾ ڪٿي
منهنجي دشمنن جو ٻهڪوٽ آهي
جتي سدائين هوندي آهي رات
۽ ميدانن ۾ ڪاريون هوائون ماتم ڪنديون آهن
فضائن ۾ زهر جي ٻالس آهي
اولداهين ۾ راڪاس ڦرن ٿا
اکين ڪان وينديءَ وسنديءَ ڌائين
آتي جي هر شيءِ ڪاري آهي
کهرن ۽ کهتين وانگيان
منهنجي دشمنن جون دليون به ڪاريون آهن
پر تڏهن به آهي سڀ مون کي ڏاڍيون پياريون آهن
فقط ۽ فقط انهيءَ هڪ شخص ڪاڻ
جو انهن ۾ آهي
پر انهن ماڻ ناهي!

## مانيٽو اوڏو

آدم ۽ حوا والڪر
ڪوئي جوڙو
پيار ڪندو ته
21 صديءَ ۾ به
تڙجي ويندو
دنيا جي بهشت مان
دنيا جي دوزخ مان

# ناگپال

## تون ڇا آهين؟

لڇان پڇان ۽ توکي ڳولهيان
جيون سپنا، تون ڇا آهين؟
ايڏا ڏنگ سهي ٻہ ڏوريان
ڏونگر ڏاڍا، تون ڇا آهين؟
کهڙي ماڳين ملندين مون کي
منهنجا سائين، تون ڇا آهين؟
ٻولڪو ٻاتل مڏرا نيٺي
نئين لکوري لار لکيٺي
تون ڇا آهين؟
هي ليزن تي لينهن جا لعرا
حق جي هوکي و هڻ جا وَتا
او سقراطي سچ آيا ڳا
تون ڇا آهين؟
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڪنهن کي ڳولين
مگتا ماريا، تون ڇا آهين؟
صبح سانجهيءَ پيٽ جا آلڪا
او ماليءَ قلڪا تون ڇا آهين؟
سچ سولهن سنينهن ليءِ ورچين
ڇا ٻيو سرجين؟
او ڪوي هچارا، تون ڇا آهين؟

●

رات جڏهن ٻہ
سالت جي سيني مان
چيري ڦاڙي ڪا رڙ آئي ٿي
ٻاٽ اولدهہ ۾
تاري جي ڪا لاٽ ٽٽي ٿي
منهنجي سوچن کي
جڻ تہ لئين ڪا واٽ ملي ٿي!

●

سيج آخري ڳيت ڏلي
مندر ۾ آ سنک وڳو
سانجهيءَ ۾ ڦهلايا
دل ۾ تنهنجي ياد ٿري!

## نيڙو

جاني هي جيون
تنهنجي ڳولا ۾
جنڊ الدر جيئڻ آن

## دوهو

●

توسان جيءَ جڙيو او ڌرتي، توسان پنهنجو پيار،
تو بن کهڙي جندڙي سنڌڙي، جهڙو چورو ٻار!



Gul Hayat Institute

## زبيده مينلو

### ڪجھ نظم

•

ليري ساڻي ڪنهن چادر سان،
سيتل سپنن جي ساگر سان،

موتي جهڙي ميٺڙا هنئام الا،
تن ڪي ڪير وڪيري ويو!

دل جي وهندڙ لڪ ڌارن سان،
من جي ويڻا جي تارن سان،

نغما جهڙي چيڙيا هنئام الا،
تن ڪي ڪير وڪيري ويو!

ويهي بيهي ڏينهن ٻڌڙا،
رتو رت ڪري هٿ ڪنڌڙا،

سورن سان سهيڙيا هنئام الا،
تن ڪي ڪير وڪيري ويو!

•

هي جيون
هن چمن ۾ جڻ
چنبيل هن
بسنت جو ڪو واس نه ون!

•

اما ئي رات بنا پريات
اُڏي لهي ٿو لامن تي
ڪوئي چپرو... چوڌار
چيخون ۽ چرڙاٽ!

•

مان ۽ دولهون
ڪوري ۾ ٻجري
هوائن منجھ وڃون ٿا وکري!

## ڪيلاش

### ڏيڙو

بيٺل پاڻي
پار هنيو پٿر
آڏاٽا مڇر

ڪوڙ جو ڪوٽ
سالت ۾ چمڪي ايو
پيڻ تي پاڻي

تارين ماڪ پينيون
رات وڳي شرلاءِ
سُڪڙيون گل ٽيون

مزدورن وستي
سيري گدلي ڌاڌلي
اٽيءَ جي روشني

اُڪي ڏُڪي اڪ
شهر ۾ ريس گهٽي
ڪيرڙيءَ ويجهو سُڪ

پورهيت شل پگهر ۾
ڪنڌو سهٺو ٿو لڳي
باھ ۾ ڳاڙهو لوهه

شهر سارو
نيڙا نيڙا قايت
ماڪيءَ مالارو

سندر ناري
وڏيري سان نه نهي
ٿي وئي ڪاري!



Gul Hayat Institute

# نورالهديٰ شاهه

## چار نظم

### ڏک

۽ ليڪا ڪيڏي
صليب ٺاهي
پنهنجو پاڻ
ٽنگي ڇڏيان
جي،
ڏُکَ سيئي لڪي نه سگهان!

### سوچ

ڪنهه جي دڙي تي پيل
مٽيل ڪالوَ جو
ڦٽيل لاش ڏسي
رت جا رشتا هالوَ تي ڀُريو اچن!

### ٻيون نظم

ڪنڌ ڪپي
ساڄي هٿ تريءَ تي
سجائي رکيو اٿم
سوني-روپي سيجَ جيان!

### پيلو پنَ

وهندڙ پاڻيءَ جي ڌارا ۾
هوريان هوريان وهندڙ
منهنجي جُواليءَ جو پل، پل
تنهنجي هٿن جي ريکائن مان
نڪري وڃڻ ڪان پوءِ
ڪيڏو نه بي معنا آهي؟

۽، جُڳن ڪان پوءِ
آئون چئي
سرءُ جي آکهاڙي وڻ جي
پانهن ۾ اٽڪيل
پيلو پن هولدس



Gul Hayat Institute

# غزل

اولڙاهي ۾ ٽيلي ٻاريان
ٽانڊاڻي کي ڳس ڏيکاريان
اونڌ رساءُ مٿي ڪانهي ڪا
ڇولہ ڪشي ڪا مُرڪ آڏاريان
ڪوهہ نہ سورج وانگر آيرو
آئو اوهان کي آءٌ آڌاريان
پنهنجو ڪوئي مو ڪولهي ڪو
هرويرو پيو ٿو اوساريان
ماچس مون وٽ ڪولهي آهي
ڪيئن ٻلا ڪو ٻارڻ ٻاريان!
رات ايندي تہ سمهي پوندس مان
ڏولڪر جهڙو ڏينهن گذاريان
ٻاڻ اڳي ٻہ مليا آهيون پئي
آءُ تہ توکي ياد ڏياريان
حفيظ الطاف، نسيم کرل
کهڙا کهڙا ماڻهو ساريان!

ديوار ڊٺي پئي آهي
۽ هُن پاسي ڪجهہ ناهي
ڪولڊر آهن ڪنسَ ميڙني
ڏسِ ڏلو هو ڪنهن ڏاهي
رات جهڙالي ۽ جهنگل
ڪُڙڪُٻيتو ڪو آهي؟
سچ کي شل تون سوپ ڏيين
ڪوڙ ڪٽڪ آيو ڪاهي
الڏاڻ اکيون ڦاڙي ڏس
سورج ناهي؟ پيو چاهي!

مون کي ڪوتا جوڙڻ ڏي
ناهہ ٽڪيءَ جا تون ناهي
اڄڪلهہ ماڻهو، ماڻهوءَ تي
ڪُتي وانگر ٿو ڀاهي!

(اڄڪلهہ ڪُتو ڪتي تي
ماڻهوءَ وانگر ٿو ڀاهي!)

## (نيڙو)

نپٽ انڌي رات
ڏيئي سان اونداهہ ۾
ڏسڪي پيئي ذات

گھٽو نہ تون ڳالهاءِ
ڪَلَ ڪٽي وٺ پاڻ ليءِ
ڳاريون چڱ مون لاءِ

هينئڙي تنهنجا هورَ
آڏيءَ ايش ـ نرڪ سان
اڏڙن لاءِ ڦلهورَ

جاڳ بہ سپني وانگَ
اکيان اکيان مارئي
پوهان چيلن چانگَ

ڪوري، پُشپ، ڪمليش
ولي رام جو کهرُ چڻ
هڪڙو ننڍڙو ديش

شاعر ۽ ايڪانت
اندر ورهہ ورلوڙجي
ٻاهر ساگر سالت

ساڻ جو وارو
ڪَڪڙن جي دَس تي
شهري وبچارو!

ٽماهي "مهراڻ"
گورل پاتو انگ تي
ٽڪون ٽڪون ٻهراڻ

ڪلارڪن جي ريس
باس هيو ۽ هوءَ هئي
اندران بند آفيس

## نظم

آءٌ اڄا بہ آهيان ٿي تنها
بَر ۾ بيٺل وڻَ جيان
شاخن وانگر پکڙيل سوچون
ڏئيءَ بنا ڪنهن ڏڻَ جيان

آءٌ اڄا ڏس رول اهوئي
پيامي ڪنهن بادل وانگي
منهنجا اوئي منهنجا ڳوئي
سانگ هليا ويا ڪنهن سانگي

نيڪ بنا جيئڻ ڪوئي سورج
هٿَ هڄن جيئن ريڪَ بنا
تو بِن آءٌ ائين ٿي ڪورو
ڪاڳر جيئن ڪو لهڪ بنا

ڪڏهن آءٌ هن لاءِ سورج هئس
هوءَ سورج مُکي
اڄ اوڪي چٽي
هُن ڏني جيئن پُٺي
تڏهن آءٌ هن لاءِ ڪجهہ ڪول هوس
رکو رَڪَ جو ڍير هوس
ـ ۽ پوءِ اوچتو
هوائون لڳيون
آڏاري ويون!

Gul Hayat Institute

## سحر امداد

### غزل

آونڌاهيءَ اڌ رات جو، هيڪل منهنجو هاڻ،
ماري ٽوڪي سانورا، جاڳان پيئي آڻ،

دونهاٽيل، گهوگهاٽيل، آهي رات آماس،
کير ـ ڌارا ۽ تارا، ڏيندا روشن ڇاڻ.

لالي ليڪين لايان، ٽن من مهڪايان،
اڄ منهنجي آجري اڳڻ، ٻولي ٿو پيو ڪاڻ.

بحر وزن جون گهوڙيون، لنگڙا لولا لفظ،
ڪوتا، رديف، قافيا، ڏات نه ڪوئي ڏاڻ.

سور پيڻ ڪان ٻوڙ ٿي رات ڇڻيندي سڄ،
پکڙي پوندي برف ۽ لهريون لهنديون لاڻ.

مکڻي ڪنيءَ والکيان، گهڻو آيامي لوڪ،
دل ـ ڌرتيءَ جو الهي، ٻريل ٽريل هو ٽاڻ.

ڇهاڪي ڪنڌ سمنڌ سڀ، آڪري ايندس آڻ،
سچٽي هان مان سڄ جي، ٻيرهه سندم آ لاڻ.

Gul Hayat Institute

پنگيائي صفائي ڪري هلي وئي ۽ لواز به تالو ڪٺي ٻاهر آيو. در کي تالو هڻندي هن کي خيال آيو، ’ڪجهه وسري ته ڪونه ويو آهي ڪٿ! لڳي ٿو ته ڪا شيء وسري وئي آهي. ڏاڍي ويسر ٿي پئي آهي. ڇا ڪريان؟ هڪڙي ڳالهه آهي ته ڪا شيء وسري ويندي آهي ته دل ۾ پئي هٿرندي آهي. اڄ به هٿري ته پئي. ڪهڙي شيء وسري وئي آهي؟‘ هن ذهن تي زور ڏنو؛ پر ڪيس ڪا ڳالهه ياد نه آئي. هو پاڻ تي چڙي تڪڙو تڪڙو بدبودار ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ويو.

(اڻپوري ناول جو پهريون باب)

•

مهر پروين

## بيت ۽ وائي

منهن سٺي منهن مير جو، محب ويو موتي،
چاهه چڙهيو چوٽي، ساندي آهيان محب ليء

پرين جي پسڻ جا، پيئي پسان خواب،
سيئي حساب ڪتاب، اچي ته اوڪاڙي وٺان.

ڪالنگل چنج قريب ڪي، اچج آڏيء رات،
تنهنجي آهي تات، سوٽ سگهو منهنجا پرين.

•

هوت نه ڪجن هيئن، ڏاڍائيون ڏکين سين!
تيئن تيئن ڪاهيان ڪست مان، جبل جاڏا جيئن.
ووڙيندي سِس وڻڪار ۾، ساهه لڪتي سيئن.
سڄڻ منهنجا سُپرين، تو نه جڳائي ايئن!
پالدي تنهنجي پار جا، ڪبرون ڏيندم ڪيئن.
پري ٿي ’پروين‘ ڪان، توکي سري ڪيئن؟

Gul Hayat Institute

# مددعلي سنڌي — دل اندر درياوَ

3- مئي، 1978ع

لَڪون لِڱن ڪوسيون، ڏاڍا تپن ڏينهن،
وو، ڇـڏي تـون ڪـو ڇـپـر ويندين! (شاهہ)

... ... ...

دل اندر درياوَ، پُڇئِہ ڪيـا سمندر ڪل؛
ماڻڪ اِهہ سرياوَ، چُـڱي چوڪي لـہ ڪٽي. (قاضي قادن)

... ... ...

دل اندر ئي درياهہ آهي. سمنڊ جو پتو ڇـو پيو پڇين. (دل جي درياهہ) ۾ موتي ماڻڪ پيا آهن. (تون) چونڊي سچا موتي ڪٽين ئي نٿوا!

... ... ...

رابيل، تون چوين ٿي تہ وقت سڀ ڪجهہ وساريو ڇڏي. ۽ مان تنهنجي اِهـا ساڳي ڳالهہ ذهن ۾ رکي توکي هي سڀ ڪجهہ لکڻ ويٺو آهيان. ۾ سوچيان ٿـو تـہ ڇـا جيڪي ڪجهہ مان لکڻ چاهيان ٿو، اهو سڀ ڪجهہ لکي سگهندس! لکي سگهندس بہ الائي نہ؟...

... ... ...

اڄ 3-مئي آهي. ۽ اهو ڏينهن تنهنجو جنم ڏينهن آهي. مون کي سال اڳ، جڏهن توکان تنهنجي جنم ڏينهن جي تاريخ پڇي هئي، تڏهن کان ئي سوچي ڇڏيو هيم تہ مان تنهنجو جنم ڏينهن، پنهنجو جنم ڏينهن سمجهي ملهائيندو رهندس. ۽ ان کان پوءِ ئي تہ مون پنهنجو جنم ڏينهن، جيڪو 12-آڪٽوبر تي آهي، اهو وساري ڇڏيو آهي.

... ... ...

The day will come.

... ... ...

”ڏات جي ڏيهہ“ ۾ جتي جميل جهڙا سيٺيا، اڪبر جهڙا خود غرض دوست ۽ ارشد جهڙا ڪروڙي ايڊيٽر آهن، اتي ساگر لطيف جهڙا اڏول ليکڪ بہ آهن- فن کي پنهنجي زندگي ارپڻ جي باوجود بہ ليکڪ کي مجبوري ۾ بُک ۽ بيروزگاري نسي ٻلئہ پوي ٿي؛ ڪهاڻيون هُن جي پٽ کي ڪاليج ۾ داخلا ڏيئون وٺي ڏئي سگهن؛ ناول هن جي بيمار ڌيءَ لاءِ دوا نہ ٻڌجي سگهن ۽ هڪ حساس ليکڪ اهو سڀ ٻنسي جهڙي جُهري ٿو پوي ۽ ادبي سمولبد جي سانگر مچن ۽ اڪٽوپس ٻلائن جو ٻنکڪ ٻڌجي ٿو وڃي- هتي ان ئي.وي ناٽڪ جون ڪجهہ تصويرون ڏيئي رهيا آهيون. -ادارو.



جنان- جنت (ممتاز ڪنول) اوجاڳا ۽ اوسيئڙا جنهن جو ڀاڳ آهن- بُک ۽ بيماري جنهن جي گهر جون ڀاتي آهن.



سيمي (بي بي سنگيتا) ماءُ سان. ڪنڊين، رانديڪن ۽ سٺن ڪپڙن پهرڻ جي وَهي ـ ۽ اهائي وهي هن لاءِ موت جي وَهي آهي.



ساگر لطيف (محمود صديقي). هڪ عظيم ليکڪ. ساري انسانذات جي سُک ـ سُڪار لاءِ جاکوڙيندڙ، پر پنهنجي پياري سيميءَ لاءِ ونس دوا جا پئسا به ناهن. سيميءَ جي موت تي هو پنهنجي لکڻين کي تيلي ڏيکاري، پاڻ به ڪامي پڄري کلي ٿو ـ روئي ٿو...

# شاهہ حسين جون ڪافيون

## (پنجابي)

محبن جي مرمانيءَ خاطر، رَتُ ولوڙي پَتُ ڪريان!
جگر ڪيون، سڀ ٻيرا ڪيئڙم، تو اَڌو تہ قبول نہ پيئڙم،
حاضر حال اهوئي ڏيئڙم، ھانيءَ ڪتورو آءٌ پريان۔
ڪاڳر آهہ قريبن مُڪو، اکر اکر تي ٻاڻ لڳي ٿو،
سکھ سرير وڃائي ويٺو، روئي روئي رَڇَ ڀريان.
ٿن من ڪيئڙم پُرزا پُرزا، ھوءِ ٻہ مھر نہ آيءِ مٺڙا،
ھاءِ چُڪي ويا سارا چارا، آڌر نِڌر آءٌ ڪيئن ڪريان.
چوي حسين فقير اماڻو، ٻيو ڪجھ ناهي آهي راڻو،
دالا، بينا، سمجھو، سياڻو، ڏيان اھوئي، آءٌ ڌريان.

●

چارئي چنيءَ ٻانڌُ، ٻنا ٻنيءَ رات.
ڪتي نہ چاٺان ٻوٽيون، ڏانءُ مون ۾ ذات.
ويئي اٽ ومائيان، برھہ سندي برسات.
ھڪ انڌيري ڪوٺڙي، مٿان انڌي رات.
چوي حسين فقير الا، بازي ٿي وئي مات.

●

آيل چوءِ ڪتِ ڙي.
مون نيتِ ڪتڻ ليءِ سکيو، پر ليڪ اڳيئي لکيئو،
رهي نہ ڪائي متِ ڙي.
ٻن اٺي چرخو، ڪوءِ ٻوٽيون، ھٿان آرتَ ڪي لت ڙي.
ھنجون ھاري ٻيڪوئي، عاشق رولن رَت ڙي.
چوي حسين فقير اماڻو، ساھہ چڏي ويو ست ڙي.

ترجمو: امداد حسيني

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# قاضي قادن جا بيت نئين تحقيق جي روشنيءَ ۾

”**قاضي قادن** نہ رڳو سمن جي دؤر جو وڏي ۾ وڏو ۽ باڪمال صوفي شاعر آهي، مگر موجوده تحقيق جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ هو سنڌي ٻوليءَ جو پهريون وڏي ۾ وڏو شاعر آهي.“

اها راءِ اسان سورهن سال اڳ سنہ 1962ع ۾ ”سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ“ لکندي قائم ڪئي هئي(1)، ۽ انهيءَ راءِ جو مدار قاضي قادن جي ستن بيتن تي هو، جيڪي ميين شاه ڪريم جي ملفوظات ذريعي محفوظ رهجي ويا آهن. هڪ تہ انهن بيتن ۾ هيئت جي لحاظ سان، ’سنڌي بيت‘ جي ارتقاء جون مڙيئي صورتون موجود آهن؛ ۽ ٻيو تہ اهي اعليٰ فڪر ۽ گهڻ صوفيانہ نڪتن جو آئينو آهن. انهيءَ ڪري ئي اهي ٿورا ست بيت بہ قاضي قادن جي شاعرانہ عظمت ۽ پاڪيزه فڪر تي شاهد آهن. ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم انهن کي بجا طور ”سنڌي ساهت جا ست چمڪندڙ تارا“ ڪري سڏيو هو.

هاڻي ستن جي بدران قاضي قادن جا سؤ ڪان وڌيڪ بيت دستياب ٿيا آهن، جن جي روشنيءَ ۾ قاضي قادن جي نيڪ سيرت، فڪر جي بلنديءَ ۽ شاعرانہ عظمت ڪي وڌيڪ بهتر نمونيءَ ۾ پرکي پروڙي سگهجي ٿو ۽ وڌيڪ صحيح نظريا قائم ڪري سگهجن ٿا. سنڌس بيتن جي هن نئين ذخيري کي تورڻ تڪڻ سان لازمي طور جنهن پڪي پختي نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو، سو هيءُ آهي تہ بيشڪ قاضي قادن سنڌي اسلامي شاعريءَ جو ابو هو.

بيتن جو نئون ذخيرو جيڪو هاڻي هٿ آيو آهي، سو هن ڪان پوءِ قاضي قادن جي ڪلام جو سڀ ڪان وڌيڪ وڏو ۽ مکيہ ماخذ ڪري ليکيو ويندو. اهو ذخيرو هند جي صوبي هريانا جي هڪ ڳوٺ ’رائيلا‘ ۾، دادو-پنٿي پڳتن جي هڪ ’مٺ‘ (مڙهيءَ) ۾ رکيل هڪ قلمي ڪتاب ۾ محفوظ هو، جنهن کي هريانوي اديب راجا رام شاستري ڳولي هٿ ڪيو. هن ڪتاب ۾ قاضي قادن جا سنڌي بيت لکيل ڏسي، هن صاحب انهن بيتن کي سمجهڻ لاءِ دهليءَ جي سنڌي اديبن جو سهارو ورتو، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هو ڊاڪٽر موتي لال جوتوائي،

(1) ڏسو ”سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ“، حيدرآباد سنڌ، 1962ع، ص 133.

ميوڙي ڪٿي ڪُپر ۾ وجهندا، سڄي ڏينهن ۾ ساهيءَ پٽڻ لاءِ اوتارو هڪ پيرو ڏسڻ، سندن اوتارو ڏسڻ وٽان آهي، ميوي جي مارڪيٽ پيو معلوم ٿيندو... گدرا، چانهان، چيڙ، ريڙ ڍلنگ مان رکيا هوندا، مزمان مڙو آيو ته پوءِ ويهي ٽولڪا هٽي لڳائيندا، چي: هي ڪچو آهي پر پلو، هي پڪو آهي پر پوڌ. پنيرن جا پارڙا ته اوتاري ۾ آيري ڪان لٿي ٿاڻين رهن - ۽ پيا خوب خوبان ڪيٽ جي تلاشي وٺن. سندن ڪاڏيءَ تان چانهين جي رس جا ريلا وهندا لظر ايندا، ميرا ۽ رس جا رتل ڪپڙا سندن ٻت ڪي ابلا ۽ آٿاوا مور نه لڳندا، پر ڪين ويتر پيا وٽندا ۽ سيبائهندا.

ٿاريلن جا ڪمت ڪا سيٺ ورلدمل جي واڙي ته لاهي جت چيڙ، ريڙ بس ترازي جي پڙ تڙن، هتي ته جهنگ پڇيو پون، پيو ڪاٽ ۽ ڪڻ ليکو رکندي ڪين لڄ آڇي، مهمان کي ڪيٽ مان چانهون چڱو چوکو چولدي ڏين ته پل ڪائي خوش ٿئي، چار چوڻڪ ڳالهين جا ٻڌائي آٿي. ڪيٽ ۾ گدرن تي ماڻهن جو والهوتو لڳيو وڃي، ابا آٺ ۽ گڏهه گدرن جا لڏين، ۽ مجال جو پنيرو ڪٿي منهن ۾ سٽر وجهي، ۽ سدائين پيو ڪلندو ۽ هٽ ڏس ڪنهه و...

سي ٿاريلا ٿرن ۾، جي مانُ گهٽُ گهرِي
وطنُ وَسَ وَسندي ٿون، هنبڙي نيٽُ هرِي
آندر چيتُ چري، وره ويڙهيچن جو.
(شاهه)

لکڻ لاءِ لٿو لڪان،

ذهن جي صحت

قائم رکڻ لاءِ ٿو لڪان!

شاعر ۽ ليکڪ جو سنئون سڌو واسطو ادب سان هوندو آهي، جنهن کي سولي سنڌيءَ ۾ پڙهائجي، ته جيئري جاڳندي زندگيءَ کي صفحن ۾ سهيڙڻ ئي چئبو ۽ شاعري ته وري لفظن ۽ جذبن جي سائنس جو ڪيتر آهي، جا لطيف احساسن جو بهترين اظهار ڪري ٿي.

اڄ جو ادب اتي پهتو آهي، جتي ڪيمرا فوٽوگرافر ڪان پڻ، هڪ ڊاڪٽر سرجن جو ڪم ڪرڻو پوي ٿو، يعني نه صرف مسئلن کي چٽڻ يا عڪاسي ڪرڻ، پر انهن جي وَڍ ڪُٽ ۽ پاڙ پٽڻ جا نسخا ڳولهي ڪڍڻ. اجاين وهمن، رسمن ۽ ڪچاين سان اڏول انسان کي ڪلهڻ ۽ سندس جند ڇڏائڻ:

ڪات ٿي — پنڪو لاهي

ڪهاڙو ٿي — پيرن تي رکڻ جا ڏينهن ويا

پـا

ڪجهه ته ٿي — هاڻ جي حق وٺو آهي

ڪيستائين پکرو ٿيندين؟ — ته پنڪو لاهي ٿي جي ڳچي ۾ وجهه

ڪسڻ سا ڪڏ

ڪهڻ ۽ سڪ

ته جي سکهين-!

۽ ”ساٿي“ سمورو اميد، همت، ويڙهه ۽ حوصلي سان ڀرپور آهي:

پورهئي سان ئه

جي پيٽ جي

پوراني نه ٿئي

پار ٻچا بک مرن-ته

چوري نه ڪندم-ته

پيو ڇا ڪندم-!

آزاد نظم ۾ سهڙيل هئي ساٿيءَ جون سوٽون هاڻ سان وڏي لوڻ ۽ الوکا ويچار کڻي آيون آهن. هونئن به آزاد شاعري شعر جي دنيا ۾ انقلاب آندو آهي. شاعر جي خيال

آهي يا نه-
مون کي خبر نه آهي-!

يا طبقاتي سماج تي لکندي چون ٿا:

ٻکيو اکھاڙو رهي
آن آهائي
ڪيڏو نه قلندر آهي- اسان جو هاري!

هي در ديوار
............
جنهن جوڙيا
الهيءَ جي ٻه زال هٿي
ٻار هٿا
ٻر الهن لاءِ
هو نه در ڏاهي سگهيو
نه ديوار
.........
ٻين لاءِ جوڙيندي
مري ويو
هاڻي سندس ٻارڻ جو وارو آهي-!

ڪيس ڳالهه چوڻ جو ڏاڍو چيندڙ ڍانءُ آهي، ٻواي سادي سولي ۽ صاف اڻس محاورن جو وقائتو استعمال ڏاڍو لئون ۽ سوڀياوان لڳي ٿو.

ٻاڻ کي
ماضيءَ سان پيار آهي
ٻار- ڏاڍو ٻيار

اهو ماضي جنهن بک بيروزگاري اني لٽي ۽ اجهي جا مسئلا ڏنا، تنهن سان ٻيار- هڪ ارڏو ماڻهو ڪڏهن به ماضيءَ سان پيار ڪري چپ نه ڪنه و آهي. اڳتي وڌڻ حياتيءَ جو

سائينمِ! سَدائين، ڪَرِين مَٿي سِنڌ سُڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.



Gul Hayat Institute